SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

# سنڌ ايڪٽ نمبر XIII مجريه 1985

# SINDH ACT NO.XIII OF 1985

# سنڌ ماليات (ترميم) ايڪٽ، 1985

# THE SINDH FINANCE (AMENDMENT) ACT, 1985

## فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

2. سنڌ ماليات ايڪٽ، 1964 جي ستين شيڊول جي ترميم
Amendment of seventh Schedule to Sindh Finance Act, 1964

# سنڌ ايڪٽ نمبر XIII مجريه 1985
# SINDH ACT NO.XIII OF 1985
# سنڌ ماليات (ترميم) ايڪٽ، 1985
# THE SINDH FINANCE (AMENDMENT) ACT, 1985

[14 جنوري 1986]

ايڪٽ جنهن ذريعي سنڌ ماليات ايڪٽ، 1964 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن ته سنڌ ماليات ايڪٽ، 1964 ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛

ان ڪري هن ريت جوڙي نافذ ڪيو ويندو:

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

1.(1) هن ايڪٽ کي سنڌ ماليات (ترميم) ايڪٽ، 1985 سڏيو ويندو.

(2)هي فوري طور ۽ پهرين جنوري 1986 کان لاڳو ٿيندو.

سنڌ ماليات ايڪٽ، 1964 جي ستين شيڊول جي ترميم
Amendment of seventh Schedule to Sindh Finance Act, 1964

2. سنڌ ماليات ايڪٽ، 1964 ۾، ستين شيڊول لاءِ هيٺين ريت متبادل ٿيندو:

"ستون شيڊول

(ڏسو دفعه 11)

| جريان نمبر | ڪيٽيگيريون | ساليانی ٽيڪس جو ملهه |
|---|---|---|
| 1 | 2 | 3 |

| | | |
|---|---|---|
| .1 | ڪنهن بہ ڌنڌي، واپار، ملازمت، يا انهن بيان ڪيلن کان علاوه ڪنهن ٻئي ڌنڌي ۾ سان لاڳاپيل سمورن ماڻهن کان هلندڙ مالي سال دوران انڪم ٽيڪس وصول ڪئي ويندي. | 150 رپيا |
| .2 | سنڌ ۾ رجسٽرڊ آفيس رکندڙ سموريون پبلڪ لميٽيڊ ڪمپنيز. | 5000 رپيا |
| .3 | (a) سموريون پرائيويٽ لميٽيڊ ۽ پرڏيهي ڪمپنيون<br>(b) امپورٽ يا ايڪسپورٽ لائسنس يا ٻئي لائسنس رکندڙ<br>(c) مٿي ڄاڻايل (a) کان علاوه ڏهہ يا ان کان وڌيڪ ماڻهو ملازم رکندڙ انڊسٽريز ۽ فيڪٽريز جا مالڪ<br>(d) تعميراتي ڪم يا شيون فراهم ڪرڻ يا خدمتون ۽ ليبر فراهم ڪرڻ ۾ مصروف سمورا ٺيڪيدار<br>(e) سمورا ايجنٽ، اسٽاڪسٽ ۽ ايجنسي رکندڙ جيڪي ٻين لاءِ ڪميشن بنيادن تي شيون يا خدمتون وڪرو ڪرڻ يا خريد ڪرڻ ۾ مصروف هجن | 2500 رپيا<br>750 رپيا<br>2000 رپيا<br>750 رپيا<br>750 رپيا |

| | | |
|---|---|---|
| .4 | متي ڏنل جريان نمبر 2 ۽ 3 ۾ ڇاڻايلن ڪانسواءِ سموريون فيڪٽريون، دڪان يا ٻيون استيبلشمينٽس:<br>(a)گذريل مالي سال ۾ لڳايل انڪم ٽيڪس؛<br>(b)گذريل مالي سال ۾ نہ لڳايل انڪم ٽيڪس. | <br><br><br><br>200 رپيا<br>100 رپيا |

**نوٽ: ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**